# مَرَض ڪان قبر تائين

**01-February-2018**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# مرض کان قبر تائين

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زمزم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاوي شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضرتِ سيدُنا اُبي بِن ڪعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيائون تہ مان (تمام وِرد، وظيفا ڇڏي ڏيندس ۽) پنهنجو سمورو وقت دُرُود خواني ۾ صرف ڪندس، تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي توهان جا فڪر پري ڪرڻ جي لاءِ ڪافي هوندو ۽ توهان جا گُناهہ معاف ڪيا ويندا." (تِرمذي،۴/ ۲۰۷حديث : ۲۴۶۵ )

کیوں کہوں بے کس ہوں میں ، کیوں کہوں بے بس ہوں میں
تم ہو میں تم پہ فدا تم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۾ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۾ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۾ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن عيادت فرمايائون

حضرتِ سَيِّدُنا حصين بن وَحوَح انصاري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ حضرت سَيِّدُنا طلحہ بن براء رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ بيمار ٿيا تہ اُمَّت جا غمخوار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن جي عيادت جي لاءِ تشريف فرما ٿيا، جڏهن تہ سياري جو موسم هو ۽ آسمان تي ڪڪرَ ڇانيل هئا، واپسي تي حضرت طلحہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي گهروارن کي فرمايائون تہ هاڻ انهن جو آخري وقت معلوم ٿئي ٿو، مون کي خبر ڪجو تہ مان انهن جي جنازي نماز پڙهان ۽ انهن جي تجهيز (دفن جي لاءِ تيار ڪرڻ) ۾ جلدي ڪجو. حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ محلہ بني سالم تائين پهتا هئا تہ انهن جي وفات ٿي وئي. حضرت طلحہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ رات شروع ٿيڻ تي پنهنجي گهروارن کي

وَصيت (Will) ڪئي هئي تہ جڏھن مان مران تہ مون کي دفن ڪري جڏهن چڙجو ۽ حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي نہ سڏجو، مون کي غير مسلمن طرفان انديشو آهي تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي منهنجي سبب ڪان ڪا تڪليف نہ پهچائن، انهن جي گهروارن ائين ئي ڪيو. صبح نبي ڪريمصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي خبر پئي تہ پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت طلحہ رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي قبرِمبارڪ تي آيا، صحابہؑ ڪرام صف ناهي پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هٿ کڻي دعا ڪئي:اي الله پاڪ!طلحہ سان تنهنجي ملاقات ان حال۾ ٿئي جو هو مرڪندا هجن.

(المعجم الكبير،۴/۲۸، حديث : ۳۵۵۴، ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!اوهان ڏٺو تہ اسان جا پيارا ۽ غمخوار آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سخت سردي جي باوجود پنهنجي پياري صحابي حضرت طلحہ بن براء رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي عيادت جي لاءِ تشريف کڻي ويا ۽ جڏهن انهن جي وفات ٿي تہ انهن جي قبر تي وڃي انهن جي لاءِ بخشش جي دعا بہ ڪئي. پر افسوس! اجوڪي دؤر ۾ اسان هن پياري سُنَّت جي ادائيگي ۾ بہ سستي جو شڪار نظر اچون ٿا، دُنياوي مال ۽ دولت حاصل ڪرڻ ۾ مست ٿي اسان اهو وساري وينا آهيون تہ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن، اسان اهو وساري وينا آهيون تہ حقيقي مسلمان هڪٻئي جي ڏُک درد ۾ شريڪ ٿيندا آهن، اسان اهو وساري وينا آهيون تہ هڪ حقيقي مسلمان پنهنجي بيمار، تنگدست ۽ پريشان حال ڀاءُ جي مدد ڪرڻ وارو هوندو آهي. اڄ اسان جي حالت کي خبر ناهي ڇا ٿي ويو آهي جو سڳن ڀينرن ڀائرن ۾ مَحَبَّت ختم ٿيندي پئي وڃي، ڀاءُ سڪرات جا آخري پساهہ کڻي رهيو هوندو آهي ۽ ٻيو ڀاءُ پُراڻن جهيڙن جهٽن کي بنياد بڻائي آخري ڀيري ان ڪان ملڻ تائين نٿو وڃي،اڳي ائين هوندو هو تہ ڪنهن سبب بن ماڻهن ۾ لڙائي ٿي وئي تہ ٿيون نرمي سان سمجهائي ڇڏيندو هو، ڇڏرائيندو هو، پر بدقسمتي سان سوشل ميڊيا جي هن دؤر ۾ هاڻي نوبت ايتري تائين پهچي چڪي آهي جو بہ وڙهي رهيا هجن تہ ٿيون ويڊيو ٺاهي رهيو هوندو آهي،ڪنهن جو ايڪسيڊينٽ (Accident) ٿي وڃي تہ ان کي اسپتال کڻي وڃڻ وارو ڪو نہ هوندو آهي، بلڪ بدقسمتي سان بري ذهنيت جا

مالک ناواقف ان مريض جو سامان مثال طور موبائيل، پيئسا، زيور کٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هوندا آهن،ڪاروباري مصروفيتن جي ڪري اسان وٽ ڪنهن جي عيادت جي لاءِ وقت نہ آهي، جڏهن تہ مريض جي گهر وڃي عيادت ڪرڻ، ان جي دلجوئي جي لاءِ ان وٽ ويهڻ، ان کي نيڪي جي دعوت ڏيندي توبہ ۽ استغفار جي ترغيب ڏيارڻ ۽ ان جي صحت جي لاءِ دعا ڪرڻ اجر ۽ ثواب جو سبب آهي.

تُو سارے مریضوں کو اللہ شفا دیدے اچھا ہے فقط وہ جو بیمارِ مدینہ ہے
افسوس مرض بڑھتا جاتا ہے گناہوں کا دے دیجے شفا عرض اے سرکار مدینہ ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دينِ اسلام اسان کي حُسنِ اخلاق جو درس ڏيندي مريض جي دلجوئي ۽ ان جي غمخواري جي لاءِ ان جي عيادت جو حڪم ڏنو آهي ۽ ان جا آداب بہ سيکاريا آهن. مريض جي عيادت سان ان جي تڪليف گهٽ تہ ناهي ٿيندي پر ان جي دل ضرور خوش ٿيندي آهي. تنهنڪري اسان کي پنهنجن رشتيدارن سان گڏوگڏ اسپتالن ۾، گهرن ۾ موجود مريضن جي عيادت جي لاءِ بہ وڃڻ گهرجي ڇو تہ ڪجهہ اسپتالن ۾ اهڙا ڏکايل مريض بہ هوندا آهن جن جي خبرچار وٺڻ وارو ڪو بہ ناهي هوندو ۽ اهي ويچارا حسرت ڀري نگاهن سان ٻين کي ڏسندا آهن ۽ دل جو دل ۾ چئي رهيا هوندا آهن، اي ڪاش! ڪو اسان جي عيادت جي لاءِ بہ اچي ۽ اسان جو حال احوال معلوم ڪري. ڪاش! ڪو اسان سان بہ همدردي سان پيش اچي. ڪاش ڪو اسان جي صحتيابي جي لاءِ بہ دعائون ڪري. اهڙي موقعي تي يا جڏهن بہ وقت ملي تہ سنين سنين نيتن سان هڪ ڏينهن مقرر (Fixed) ڪري انهن مريضن جي عيادت بہ ڪرڻ گهرجي، ان سان مدني انعام نمبر 53 تي بہ عمل ٿي ويندو: "ڇا اوهان هن هفتي گهٽ مان گهٽ هڪ مريض يا ڏکويل جي گهر يا اسپتال وڃي سُنّت مطابق غمخواري ڪئي؟ ۽ ان کي تحفي (چاهي مکتبة المدينہ جو شايع ڪيل رِسالو يا پمفلٽ) پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ تعويذاتِ عطاريہ جي اِستعمال جو مشورو ڏنو؟

اڇو! مريض جي عيادت تي مشتمل (2) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڙهو ۽ اخلاص سان عمل جي نِيت بہ ڪريو . جيئن،تہ

- ارشاد فرمايائون:جيڪو ڪنهن مريض جي عيادت ڪري ٿو يا الله پاڪ جي رضا جي لاءِ پنهنجي ڪنهن مسلمان ڀاءُ سان ملڻ لاءِ ويندو آهي تہ هڪ پڪارڻ وارو ان کي مخاطب ڪري چوندو آهي تہ خوش ٿي وڃ ڇوتہ تنهنجو هي هلڻ مبارڪ آهيۓ تو جنت ۾ پنهنجو ٺڪاڻو ٺاهي ورتو آهي. (ترمذي، كتاب البر والصلة، باب ماجاء في زيارة... الخ،۳ /۴۰۶، رقم:۲۰۱۵)
- ارشاد فرمايائون: جنهن مريض جي عيادت ڪئي الله ڪريم ان تي پنجهتر (75،000) هزار ملائڪن جي ذريعي ڇانو ڪندو ۽ ان جي هر قدم کڻڻ تي ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي ۽ ان جي هر قدم رکڻ تي ان جو هڪ گناهہ مٽايو ويندو ۽ هڪ درجو بُلند ڪيو ويندو، جڏهن هو مريض سان گڏ ويهندو تہ رحمت ان کي ڍڪي وٺندي ۽ پنهنجي گهر واپس موٽڻ تائين رحمت ان کي ڍڪي رکندي. (الترغيب و الترهيب، كتاب الجنائز، باب التر غيب في عيادة ۔۔الخ، ۴/ رقم ۱۳، ص ۱۶۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ مُسلمان جي عيادت ڪرڻ ڪيتري قدر فضيلت واري آهي جو ملائڪ **مريض جي عيادت** ڪرڻ واري خوش نصيب کي جنت ۾ ٺڪاڻي جي خوشخبري ڏيندو آهي. **مريض جي عيادت ڪرڻ** واري تي پنجهتر هزار ملائڪ رحمت جي ڇانو ڪندا آهن. **مريض جي عيادت ڪرڻ واري** جي هر قدم تي ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا آهن. **مريض جي عيادت ڪرڻ واري** تي رحمتِ الٰهي جي برسات ٿيندي آهي. تنهنڪري جڏهن ڪنهن بيمار جي عيادت جي لاءِ وڃڻ ٿئي تہ خيريت پڇڻ جي لاءِ خوش اخلاقي سان وڏو شفقت ڀريو لهجو اختيار ڪريو ۽ ان جي صحتيابي جي لاءِ دعا بہ ڪريو جيئن تہ حضرتِ سيدنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ امت جا غمخوار، بيڪسن جا مددگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن ڪنهن مريض جي عيادت جي لاءِ تشريف کڻي ويندا هئا تہ فرمائيندا هئا: لَا بَأْسَ طَهُوْرٌ اِنْ شَآءَ الله. يعني ڪنهن پريشانيۓ جي ڳالهہ نہ آهي اِنْ شَــآءَالله عَزَّوَجَلَّ اهو مرض گناهن کان پاڪ ڪرڻ وارو آهي. (بخاري، كتاب المناقب،باب علامات النبوة۔۔الخ،۲/۵۰۵،حديث:۳۶۱۶)

www.dawateislami.net

يہ تِرا جسم جو بيمار ہے تشويش نہ کر يہ مرض تيرے گناہوں کو مٹا جاتا ہے
اصل آفت تو ہے ناراضی ربِّ اکبر اس کو کيوں بھول کے بر باد ہوا جاتا ہے

مريض جي عيادت کندي وقت اڄوڪي دور ۾ اهڙو ماحول ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ عيادت جي لاءِ ايندڙ، مريض جي دلجوئي ڪرڻ بدران ان جي پريشاني ۽ دل آزاري جو سبب بڻجندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ مريض جي عيادت جي لاءِ گڏجي ڪوڙ ماڻهو پهچي ويندا آهن ۽ ان جي مٿي تي بيهي طرح طرح جا سوال ڪندا آهن، بنا سبب جي بيماري بابت تفصيل پڇندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن مريض کان اهڙا سوال پڇا ويندا آهن جو جواب ۾ مريض ويچارو شايد ڪوڙ بہ ڳالهائي ڇڏيندو هوندو، جي ها امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة مسلمان امتين جي خير خواهي جي پيش نظر پنهنجي رسالي "بيمار عابد" ۾ هن ڪي بيان فرمايو آهي:اسان بہ توجهہ سان ٻڌون ؛ تہ جيئن اسان بہ ڪنهن مريض جي عيادت ڪرڻ واري عظيم سنت تي عمل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريون تہ مريض ڪي ڪوڙ ڳالهائڻ جي مصيبت ۾ مبتلا ڪرڻ جو سبب نہ بڻجون ۽ مريض ڪي بہ گهرجي تہ ڪوڙ کان ڪم وٺڻ جي بجائي سچ جو دامن نہ ڇڏي، ڪڏهن ڪڏهن جڏهن مريض کان پڇيو ويندو آهي:توهان جي طبيعت ڪيئن آهي؟ پوءِ طبيعت خراب هجڻ جي باوجود هن طرح جا جواب ملندا آهن (1) صحيح آهيان (2) گهڻو نيڪ آهيان (3) بلڪل نيڪ آهيان (4) طبيعت فرسٽ ڪلاس آهي (5) اي ون طبيعت آهي (6) ڪنهن بہ قسم جي تڪليف ناهي (7) مزي ۾ آهيان (8) ذرو برابر بہ ڪو مسئلو ناهي (9) هڪ دم فٽ آهيان.ان موقعي تي اهڙي طرح جا جواب ڪوڙ ۾ شمار ٿيندا آهن.ڪڏهن وري عيادت ڪرڻ وارا طِبّي معاملن کان لاعِلم هوندي بہ مختلف علاج ۽ ٽوٽڪا اپنائڻ جا مشوره (Suggestions) ڏيندا آهن ۽ فضول سوال ۽ ٻارن جي شور شرابي سان مريض کي بيزار ڪندا آهن، جڏهن تہ عيادت ڪندي وقت مريض جي ڪيفيت جو خيال رکڻ بيحد ضروري آهي، جيڪڏهن اهو محسوس ٿئي تہ اسان جي موجودگي مريض جي لاءِ تڪليف جو سبب بڻجي

رهي آهي تہ جلد ئي اُٿڻ گهرجي ڇوتہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: اَفْضَلُ الْعِيادَةِ سُرْعَةُ الْقِيامِ يعني بهترين عيادت جلد اُٿي وڃڻ آهي. (شعب الايمان، باب في عيادة المريض، فصل في آداب العيادة،۶/ ۵۴۲، حديث: ۹۲۲۱) تنهنڪري جڏهن بہ مريض وٽ وڃو تہ ان سان خوش اخلاقي سان پيش اچون، اهڙيون ڳالهيون ڪريون جو ان جو حوصلو بلند ٿئي ۽ رحمتِ الٰهي تي ان جي اُميد مضبوط ٿئي ۽ بيماري ۾ صبر ۽ شڪر ڪرڻ جون فضيلتون ٻڌايون تہ جيئن مريض پنهنجي رَبّ ڪريم جي طرفان اچڻ واري ان آزمائش تي صبر ڪندي اجر ۽ ثواب ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي. موقعي جي مناسبت سان ٿي سگهي تہ مريض ڪان سنيون سنيون نيتون ڪرايون، مثال طور صحتياب ٿي وڃڻ جي صورت ۾ پنج وقت باجماعت نماز پڙهندس، دورانِ بيماري بہ نماز قضا نہ ٿيڻ ڏيندس، خوب خوب نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندس، 12 مدني ڪمن ۾ وڌي ڪري حصو وٺندس، مدني قافلن جو مسافر ٿيندس، مدني انعامات جو عامل بڻجندس وغيره ڪنهن مصيبت يا بيماري تي صبر ڪرڻ جون گهڻيون فضيلتون آهن، اچو ان باري ۾ بہ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌو، جيئن تہ

- ❖ ارشاد فرمايائون: جنهن جي مال يا جان ۾ مصيبت آئي پوءِ هن ان کي لِڪايو ۽ ماڻهن تي ظاهر نہ ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي تہ ان جي مغفرت فرمائي. (المعجم الكبير،۱۴۸/۱۱، حديث:۱۱۴۳۸)
- ❖ ارشاد فرمايائون: مسلمان کي بيماري، پريشاني، رنج، تڪليف ۽ غم مان جيڪا مصيبت پهچندي آهي ايتري تائين جو ڪنڊو بہ چُبندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان (مصيبت) کي سندس گناهن جو ڪفارو بڻائي ڇڏيندو آهي.“ (بخاري، كتاب المرضي، باب ماجاء في كفارة المرض،۳/۴،حديث:۵۶۴۱)

چشم کرم ہو ایسی کہ مِٹ جائے ہر خطا     کوئی گناہ مجھ سے نہ شیطاں کرا سکے
ہے صبر تو خزانۂ فردوس بھائیو!     عاشق کے لَب پہ شکوہ کبھی بھی نہ آسکے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مُهلڪ (ماريندڙ) بيمارين کان بچاءُ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته بيماري ۾ صبر ڪرڻ وڏي اجر ۽ ثواب جو ڪم آهي ۽ بيمار شخص جي لاءِ ڪيترين ئي خوشخبرين آهن جو بيماري سبب گناهه معاف ٿيندا آهن ايستائين جو پيرن ۾ ڪنڊو چُڀي ته اهو به گناهن جو ڪفارو بڻجي ويندو آهي، ياد رکو! دُنيا جي ٻين مذهبن ۾ بيماري کي رڳو آفت ۽ مصيبت ئي سمجهيو ويندو آهي جڏهن ته دينِ اسلام اهڙو پيارو مذهب آهي جو جتي صحت ۽ تندرستي کي نعمت قرار ڏئي ٿو اتي بيمارين ۽ تڪليفن کي به رحمت سان تعبير ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته بيماريون جتي گناهن کي بخشائڻ جو ذريعو آهن اتي ڪجهه معمولي بيماريون مهلڪ بيمارين کان بچاءُ جو ذريعو به هونديون آهن. جيئن ته حڪيمُ الامت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ❋ زُڪام بيماري نه آهي بلڪ دماغي بيمارين جو علاج آهي. ان سان ڪيئي مرض دور ٿي ويندا آهن. زُڪام واري کي ديوانگي ۽ جنون ناهي ٿيندو ❋ جنهن کي ڪڏهن خارش ٿئي ان کي جُذام ۽ ڪوڙهه ناهي ٿيندو، زڪام ۽ خارش ۾ رب تعاليٰ جون ڪوڙ حڪمتون آهن. (مراة المناجيح،۶/۳۹۵)

فقيہِ ملّت حضرت مفتي جلالُ الدّين امجدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بيمارين جا فائدا بيان ڪندي لکن ٿا: بيماري کان ظاهرِي طور تڪليف پهچندي آهي پر حقيقت ۾ اها تمام وڏي نعمت آهي جنهن سان مومن کي اَبَدي راحت ۽ آرام جو وڏو ذخيرو هٿ ايندو آهي. انڪري جو اها ظاهري بيماري حقيقت ۾ روحاني بيمارين جو هڪ وڏو زبردست علاج آهي بشرط هي ته ماڻهو مومن هجي ۽ سخت کان سخت بيماري ۾ صبر ۽ شڪر کان ڪم وٺي، جيڪڏهن صبر نه ڪري بلڪ جزع فزع (روڄ راڙو) ڪري ته بيماري مان ڪو معنوي (حقيقي) فائدو نه ٿيندو يعني ثواب کان محروم رهندو. (انوار الحديث ،ص۱۹۷)

## صبر جو ڦل مٺو ٿيندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! جڏهن ڪا بيماري يا تڪليف اچي ته بي صبري ۽ شڪوه شڪايت ڪرڻ، رڙيون ڪرڻ ۽ هر هڪ کي ٻڌائڻ سان مرض ته ختم

ناهي ٿيندو بلڪ صبر سبب ملندڙ اجر ضائع ٿي ويندو آهي، تنهنڪري بيماري ۾ صبر جو دامن هرگز نہ ڇڏڻ گهرجي ۽ ائين پنهنجو ذهن بڻايو تہ انسان جي هميشہ هڪ جهڙي حالت ناهي رهندي. جيڪڏهن ڪو بيمار ٿيندو آهي تہ جلد صحت ياب بہ ٿي ويندو آهي، ڪڏهن ڪو غم پهچندو آهي تہ ان کان پوءِ ڪيئي خُوشيون بہ نصيب ٿينديون آهن، تنگدستي کان بعد خوشحالي بہ ان جو مقدر بڻجندي آهي پر مسلمان کي هر حال ۾ صبر ۽ شڪر سان رضاءِ الهي تي راضي رهندي زندگي گذارڻ گهرجي. اچو پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪريون ٿا ....

وہ بچارے کہ بیمار ہیں جو
جنّ و جادو سے بیزار ہیں جو
اپنی رحمت سے ان کو شفا کی
میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے
وہ کہ آفات میں مبتلا ہیں
جو گرفتارِ رنج و بلا ہیں
فضل سے ان کو صبر و رِضا کی
میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سڪرات جي وقت ڇا ڪرڻ گهرجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪڏهن عيادت جي لاءِ ڪنهن اهڙي مريض وٽ بہ وڃڻ ٿيندو آهي جنهن ۾ موت جون علامتون نظر اينديون آهن ۽ ان تي سڪرات جو وقت هوندو آهي، ائين لڳندو آهي تہ بس ڪجهہ ئي دير ۾ ان جو رُوح نڪري ويندو. اهڙي صورت ۾ روئڻ رڙيون ڪرڻ بدران صبر سان ڪم وٺي اهو ذهن بنائڻ گهرجي تہ جيڪو هن دنيا ۾ آيو آهي ان کي هڪ ڏينهن هتان وڃڻو بہ آهي بلڪ ان وانگر اسان کي بہ هڪ ڏينهن مرڻو پوندو ۽ ان کان بعد وارن مرحلن مان گذرڻو پوندو. ياد رکو! جنهن تي سڪرات جو عالَم طاري هجي ان جو هڪ هڪ لمحو اسان کي بہ موت جي ياد ڏياري ٿو پر اسان پنهنجي موت کي وساري خبر ناهي ڪهڙي ”سياڻي“ جي انتظار ۾ مطمئن ٿي ويٺا آهيون تہ جنهن ۾ گُناهن کان توبہ ڪنداسين، پنهنجي بداعمالين کي ڇڏي نيڪيون شروع ڪنداسين، هر ڏينهن

اُتندڙ جنازا خبر ناهي ڇو اسان کي غفلت مان جهنجهوڙي نہ ٿا بيدار ڪن.

حضرت سَيدُنا منصور بن عمار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ نوجوان کي نصيحت ڪندي فرمايائون: اي نوجوان! تو کي تنهنجي جواني ڌوکي ۾ نہ وجهي ڪيترا ئي نوجوان اهڙا هئا جن توبہ ۾ تاخير ڪئي ۽ وڏيون وڏيون اُميدون رکي موت کي وساري اهو چوندا رهيا تہ سڀاڻي توبہ ڪري وٺنداسين، پرهين توبہ ڪنداسين ايستائين جو انهيءَ غفلت جي حالت ۾ ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام اچي ويو ۽ اهي قبر جي حوالي ٿيا. (مکاشفة القلوب، باب في العشق، ص٣٤)

ياد رکو! نزع جو وقت نهايت ئي سخت هوندو آهي جيڪو ان ڪيفيت مان گذري ٿو اهو ئي ان جي سختين کي محسوس (Feel) ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن مُردو قَبر مان نڪري دُنيا وارن کي موت جي تڪليف جي ڪيفيت ٻڌائي تہ انهن جي زِندگي جو چين ۽ سُڪون برباد ٿي وڃي. نزع جي سختين جو تذڪرو ڪندي حضرت سيدُنا شَدّاد بن اَوس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه فرمائن ٿا:مومن تي دُنيا ۽ آخرت ۾ موت کان وڌيڪ ڪا خوفناڪ شيءِ نہ آهي جو ان جي تڪليف آرين جي چِيرڻ، قينچين جي ڪٽڻ ۽ ديڳڙين ۾ ٽهڪائڻ کان بہ وڌيڪ آهي، جيڪڏهن ڪو مُردو قَبر مان نڪري دُنيا وارن کي موت جي باري ۾ ٻڌائي تہ ماڻهو زِندگي مان ڪو نَفعو ڪٽي نہ سگهن نہ ئي ننڊ ۾ ڪو سُڪون محسوس ڪن. (احياء العلوم،ج٥ص٢٠٩)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ موت جو جام کهڙو ڪڙو آهي جو جيڪو نہ چاهيندي بہ هر هڪ کي پيئڻو پوندو آهي. نزع جو وقت اهڙو نازُڪ هوندو آهي جو ان ۾ هڪ پاسي تہ موت جون هي مصيبتون ۽ ٻي پاسي شيطان لَعِين جا حملا (Attacks). ڇوتہ شيطان موت جي وَقت اِيمان برباد ڪرڻ جي لاءِ طرح طرح جا حيلا بهانا اِستعمال ڪندو آهي، ايستائين جو ماءُ پيءُ جي صورت اختيار ڪري بہ بعضن جي اِيمان تي ڌاڙو وجهندو آهي ۽ غيرمسلمن کي دُرُست ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

اهڙي موقعي تي الله رَحمٰن جو جنهن تي خاص ڪرم ۽ اِحسان ٿيندو آهي، هو شيطان جي هٿان پنهنجو ايمان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي. اهڙي حالت ۾دينِ اسلام اسان کي هڪ مسلمان سان خيرخواهي ڪرڻ جو جا حڪم ڏنو آهي

www.dawateislami.net

۽ رُوح نڪرڻ کان پهريان ۽ بعد ۾ کهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي، اچو! ان باري ۾ ڪجھ اَهم (Important) مدني گل ٻڌون تا جن تي عمل ڪرڻ نہ صرف اسان جي لاءِ بلڪ ان مرڻ واري جي لاءِ بہ اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ نهايت مفيد ثابت ٿيندو. ٿي سگهي ٿو تہ ٻڌڻ سان گڏو گڏ ان جو تصور ائين ڪريو تہ عنقريب اهو سڀ ڪجھ مون سان بہ ٿيڻ وارو آهي، اڄ جيڪي ڪجھ مان ڪنهن مرڻ واري سان معاملا ڪري رهيو آهيان، جلدي ئي مون ڪي بہ آخرت جي سفر ڏانهن وڃڻو آهي، الله ڪري ان کان پهريان پهريان منهنجي اکين مان بہ غفلت جو پردو هٽي وڃي ۽ مان بہ جيئري ئي پڪو نمازي بڻجي وڃان، بيِن فرضن ۽ واجبن کي ادا ڪرڻ سان گڏو گڏ سنتن جو عامل بڻجي وڃان، پڪي ۽ سچي توبھ نصيب ٿي وڃي، اي ڪاش مان سڌرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان جيئن تہ

* جڏهن مريض تي موت جون علامتون ظاهر ٿين تہ سُنَّت هي آهي تہ ساڄي پاسي ليٽائي قبلي ڏانهن مُنهن ڪريو. (ائين ڪرڻ ۾ مريض کي تڪليف ٿئي تہ ائين نہ ڪريو.) * قريبُ المرگ (يعني مرڻ جي ويجهو) هجي تہ ان کي تلقين ڪريو، يعني ان جي ويجهو وڏي آواز سان پڙهو: اَشْهَدُ اَن لَّا اِلٰهَ اِلَّا للهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّداً رَّسُولُ اللهِ" پر ان کي پڙهڻ جو حڪم نہ ڏيو. * جڏهن ان ڪلمو پڙهي ورتو تہ تلقين بند ڪريو. جيڪڏهن ڪلمو پڙهڻ کان بعد ان ڪا ڳالھ ڪئي تہ ٻيهر تلقين ڪريو جو ان جا آخري لفظ "لَا اِلٰهَ اِلَّا للهُ مُحَمَّدٌرَّسولُ اللهِ" هجن * تلقين ڪرڻ وارو نيڪ شخص هجي، جوتہ ان وقت نيڪ ۽ پرهيز گار ماڻهن جو هئڻ تمام سٺي ڳالھ آهي ۽ ان وقت مريض وٽ سوره يٰس شريف جي تلاوت ڪئي وڃي ۽ اتي خوشبو هئڻ مستحب آهي. * ڪوشش ڪئي وڃي تہ گهر ۾ ڪا تصوير يا ڪتو نہ هجي، جيڪڏهن اهي شيون هجن تہ هڪدم ڪڍي ڇڏيو جوتہ جتي اهي شيون هونديون آهن اتي رحمت جا ملائڪ نہ ايندا آهن. * جڏهن روح نڪري وڃي تہ هڪ ويڪري پٽي ڄاڙي جي هيٺ کان مٿي ڏانهن ڪڍي ڳنڍ لڳائي ڇڏيو تہ جيئن منهن کليو نہ رهي ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيو ۽ آڱريون ۽ هٿ پير سڌا ڪري ڇڏيو، ان جي گهر وارن ۾ جيڪو وڌيڪ نرمي سان ڪري سگهندو هجي پيءُ يا پٽ اهو ڪري. (بهارِ شريعت،۸۰۸،۸۰۷/۱،ملخصاً)

www.dawateislami.net

## مرڻ گھڙي ڪلمو پڙھڻ جي فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏھن ڪڏھن اھڙو موقعو اچي تہ اسان پنھنجي عزيز ۽ رشتيدار، دوست احباب يا ڪنھن بہ مسلمان کي ان ڪيفيت ۾ ڏسون تہ انھن مدني گلن تي عمل ڪرڻ ۾ ھرگز سستي (Laziness) سان ڪم نہ ونون چوتہ اسان جي ٿورڙي توجھ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مرڻ واري جي لاءِ نجات ۽ مغفرت جو سبب بڻجي سگھي ٿو. خاص ڪري مرڻ واري کي ڪلمي شريف جي تلقين تہ ضرور ڪرڻ گھرجي، حديثِ پاڪ ۾ مرڻ وقت ڪلمو پڙھڻ واري جي لاءِ جنت جي بشارت آھي. حضرت معاذبن جبل رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا تہ نبي رحمت،شفيع امت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ كَانَ آخِرُ كَلَامِهِ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه دَخَلَ الْجَنَّةَ يعني جنھن جو آخري ڪلام لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰه ھجي اھو جنّت ۾ ويندو.

(ابو داود،کتاب الجنائز، باب في التلقين ،۳/۲۵۵ ، حديث:۳۱۱۶)

حڪيمُ الامت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ھن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: جيتوڻيڪ سڄي عمر ڪلمو پڙھندو رھيو پر مرڻ گھڙي ڪلمو ضرور پڙھڻ گھرجي جو ان جي برڪت سان بخشش ٿيندي. (مرأة المناجيح، ۲/۴۴۶) معلوم ٿيو تہ جڏھن بہ ڪنھن مسلمان جو آخري وقت اچي تہ ان وٽ موجود ماڻھو ڪلمو پاڪ پڙھن، الله جو ذڪر ڪن ۽ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪن تہ جيئن ان کي بہ ڪلمو پڙھڻ ياد اچي. جن ماڻھن کي موت جي سختين جي باوجود بہ ڪلمو پاڪ پڙھڻ نصيب ٿيندو آھي ۽ انھيءَ حالت ۾ ان جو رُوح نڪري ويندو آھي تہ اھڙا ماڻھو گھڻا ئي خوش نصيب ھوندا آھن .

ياد رکو:ڪنھن جي مرڻ وقت تلقين ڪرڻ جي باوجود بہ ان ڪلمو نہ پڙھيو تہ اسان اھو نہ ٿا چئي سگھون تہ ”ان جو خاتمو ايمان تي نہ ٿيو“

## عطار جي پياري جو قابلِ رشڪ وصال

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جا مرحوم نگران حاجي محمد مشتاق عطاري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪجھ عرصو بيمار رھيا ۽ انھيءَ بيماري ۾ سندن انتقال ٿيو. آخري وقت ۾ جيڪي اسلامي ڀائر ان جي ويجھو موجود ھئا انھن

جو چوٿ آهي تہ رات جي وقت حاجي محمد مشتاق عطاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي طبيعت بگڙجڻ ۽ حالت غير ٿيڻ لڳي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمايائون تہ منهنجو رُخ قبلي ڏانهن ڪري ڇڏيو، پوءِ سندن حڪم مطابق سندن جو رُخ قبلي ڏانهن ڪيو ويو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اڪيون بند ڪيون درود و سلام ۽ ڪلمي پاڪ جو وِرد ڪرڻ لڳا. ڪافي دير تائين پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهيءَ طرح ذِڪر ۽ دُرود ۾ مصروف رهيا. پوءِ بلند آواز سان ڪلمو پاڪ لَآاِلٰه اِلَّااللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڙهندي پڙهندي سندن تي نزع جو عالَم طاري ٿيو ۽ ڪجھ دير ڪان پوءِ سندن رُوح هن فاني دنيا مان عالَمِ بالا ڏانهن پرواز ڪري ويو.

خُدایا بُرے خاتمے سے بچانا　　پڑھوں کلمہ جب نکلے دَم یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”هفتيوار سنتنڀريو اجتماع“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گناهن کان بچڻ، پابندِ سُنَّت بڻجڻ ۽ مسلمان جي دلجوئي ڪرڻ جهڙين صفتن کي اپنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني سان وابستہ ٿيو ۽ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو، ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم **”هفتيوار سُنَّتن ڀريي اِجتِماع“** ۾ شرڪت ڪرڻ بہ آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مدني ڪم جا بيشمار دُنيوي ۽ اُخروي فائدا آهن، ❋ **هفتيوار سُنَّتن ڀريي اِجتِماع** جي برڪت سان مسجد ۾ حاضري جي سعادت حاصل ٿيندي آهي. ❋ **هفتيوار سُنَّتن ڀريي اِجتِماع** جي برڪت سان مسلمانن سان ملاقات ۽ سلام جي سُنَّت عام ٿيندي آهي.★ **هفتيوار سُنَّتن ڀريي اِجتِماع** جي برڪت سان علمِ دِين سان مالامال قِيمتي مدني گل اُمّتِ مسلمہ تائين پهچايا ويندا آهن. ❋ **هفتيوار سُنَّتن ڀريي اِجتِماع** ۾ بي نمازين کي نمازي بڻائڻ لاءِ گهڻا معاون ٿيندا آهن. ❋ **هفتيوار سُنَّتن ڀريي اِجتِماع** برڪت سان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي تشهير ۽ نيڪ نامي ٿيندي آهي. ❋ **هفتيوار سُنَّتن ڀريي اِجتِماع** ۾ گهريون ويندڙ دُعائون قبول ٿينديون

www.dawateislami.net

آهن، ان جي علاوه صحابہ ڪرام ۽ اولياءِ ڪرام جي سيرتِ مبارڪ تي بہ بيان ٿيندا آهن. ۽ جيڪي خوش نصيب عاشقانِ رسول **هفتيوار سُنَّتن ڀريي اِجتِماع** ۾ شرڪت ڪندا آهن امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه انهن کي هيئن دعاءِ مدينہ سان نوازيندا آهن.

جو پابند ہے اجتماعات کا بھی میں دیتا ہوں اس کو دعائے مدینہ

اچو! تَرغِيب طور هفتيوار اِجتِماع ۾ حاضِري جي هڪ مَدَني بَهار ٻڌو ۽ اِجتِماع ۾ پابندي سان حاضِر ٿيڻ جي نِيت ڪريو. جيئن تہ

## اجتماع جي برڪت سان نيڪ بڻجي ويو

مَرڪزُ الاَولِيا (لاهور) جو هڪ اِسلامي ڀاءُ گُناهن جي وادِين ۾ گم هو ان جي اسڪول جي زماني ۾ هڪ اِسلامي ڀاءُ اَڪثَر ان جي وڏي ڀاءُ سان ملڻ ايندو هو، هڪ ڏينهن اُن دعوتِ اِسلامي جي **هفتيوار سُنَّتن ڀريي اِجتِماع** جي دَعوت پيش ڪئي. هي ان جي دَعوَت تي سُنَّتن ڀري اِجتِماع ۾ وڃي پهتو، ان کي اهو گهڻو وڻيو، پوءِ ان پابندي سان وڃڻ شُرُوع ڪيو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان ان نمازن جي پابندي شُروع ڪئي. عِمامو شريف بہ سَجائي ورتو، جنهن سبب گهر جي ڪن ڀاتين سَختي سان مُخالفَت ڪئي پر مَدَني ماحول جي ڪشِش ۽ عاشِقانِ رَسُول جو حُسنِ سُلُوڪ انهن کي دعوتِ اِسلامي سان ويتر ويجهو ڪندو ويو، مڪتبةُ المدينہ تان جاري ٿيندڙ سُنَّتن ڀري بَيانن جون ڪيسٽون ٻڌڻ سان تسلي ملي ۽ حوصلو وڌندو ويو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ آهستي آهستي انهن جي گهر ۾ بہ مَدَني ماحول بڻجي ويو.

اے بیمارِ عِصیاں تُو آجا یہاں پر گناہوں کی دیگا دَوا مَدَنی ماحول

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ميت تي نوحو (ماتم) ڪرڻ

منا منا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪنهن جو انتقال ٿي وڃي تہ ڪڏهن

www.dawateislami.net

ڪڏهن ان موقعي تي ڪيئي خلافِ شريعت ڪمن جو اِرتِڪاب ڪيو ويندو آهي، جن مان هڪ نوحو ڪرڻ يعني ميت جون خوبيون مبالغي سان ڳڻ (ڳهٽو وڏائي) بيان ڪري آواز سان روئڻ جنهن کي ”بين“ بہ چوندا آهن اهو بِالاِجماع حرام آهي. ائين واوَيلا، هاءِ مصيبت چئي رڙيون ڪرڻ، گِريبان ڦاڙڻ، مُنهن پٽڻ، وار ڪولڻ، مٿي تي خاڪ وجهڻ، سينو پٽڻ، ران تي هٿ هڻڻ، اهي سڀ جاهليت جا ڪم ۽ حرام آهن، آواز سان روئڻ منع آهي ۽ آواز وڏو نہ هجي تہ ان جي منع نہ آهي. (بهارِ شريعت،۱/۸۵۵،۸۵۴، بتغير قليل) ميت تي روئڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن تہ بي صبري جي انتها ٿيندي آهي ۽ الله پاڪ جي ذات سان شڪوا شڪايات ڪندي ڪفريات بہ بڪيا ويندا آهن جنهن سان ٻانهي جو ايمان ضائع ٿي ويندو آهي.

## ٽن ڏينهن کان وڌيڪ سوڳ (ڏک) لهائڻ

ميت جي موقعي تي خلافِ شريعت ڪمن مان هڪ ڪم ٽن ڏينهن کان وڌيڪ عرصي تائين سوڳ ملهائڻ بہ آهي جيڪو حرام آهي. اِسلام کان پهريان عرب ۾ بيوه عورت مڙس جي اِنتقال کان بعد هڪ سال تائين بُري گهر بُري لباس ۾ رهندي هئي ۽ تمام گهر وارن کان عليحدگي اختيار ڪندي هئي. (مرآة المناجيح، ۵/۱۵۱) ۽ ائين هڪ سال تائين سوڳ ڪندي هئي. پر اسلام اچڻ کان بعد تاجدارِانبياء، حبيبِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مڙس جي علاوه ٻين رِشتيدارن جي (اِنتقال تي) سوڳ جي لاءِ ٽي (3) ڏينهن مُقرّر فرمايا. (صحابہ ڪرام ڪا عشقِ رسول ،ص۲۳۰) جڏهن تہ زال پنهنجي مڙس جي وَفات تي عِدَّت جي مُدّت چار مهينا ڏهہ ڏينهن تائين سوڳ ۾ رهندي. اَلبت ڪنهن قريبي (رِشتيدار) جي مري وڃڻ تي عورت کي ٽن ڏينهن تائين سوڳ ڪرڻ جي اِجازت آهي ان کان وڌيڪ جي (اِجازت) نہ آهي. (ردالمحتار، ڪتاب الطلاق، فصل في الحداد، ج۵، ص۲۲۳)

جڏهن رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دَورِ جاهليت جي هن طريقي کي ختم فرمايو تہ صحابيات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ حضور جي هن فرمان تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اها غلط رسم ختم ٿي وئي. پوءِ جڏهن حضرت سَيدَتُنا زينب بنت حَجَش رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْها جي ڀاءُ جو اِنتقال ٿيو، تہ اُنهن خوشبو گهرائي لڳائي ۽ چيائين تہ مون کي

خُوشبو جي ضرورت نہ هئي پر مون پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مِنبَر تي اهو فرمائيندي ٻڌو آهي تہ ڪنهن مُسَلمان عورت جي لاءِ جائز نہ آهي تہ اها ٽي ڏينهن کان وڌيڪ ڪنهن جو سوڳ ڪري پر مڙس جي انتقال تي چار مهينا ڏهہ ڏينهن. (سنن ابي داود، ڪتاب الطلاق، باب احدادالمتوفي عنها زوجها، ج٢،ص٤٢٢ ،حديث:٢٢٩٩) اهڙي طرح جڏهن اُمُّ المومنين حضرت سَيدَتُنا اُمِّ حَبِيبَہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جا والد (حضرت ابُوسفيان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) جو انتقال ٿيو تہ انهن پنهنجن ڳِلن تي خُوشبو لڳائي ۽ چيائون مون کي ان جي ضرورت نہ هئي، صرف حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪم جي تعميل مَقصد هئي. (ابو داود، ڪتاب الطلاق،باب احدادالمتوفي عنهازوجها، ج٢،ص٤٢٢، الحديث:٢٢٩٩)

## سرد خاني ۾ رکائڻ

ڪنهن جي فوت ٿيڻ تي خلافِ شريعت ڪمن مان هڪ رواج هي بہ عام ٿيندو پيو وڃي تہ ميت جو پٽ وغيره شهر يا ملڪ کان ٻاهر هجن تہ هي سوچي انهن جو انتظار (Wait) ڪيو ويندو آهي تہ جيڪڏهن پٽ جنازي ۾ شريڪ نہ ٿيندو تہ جنازو ڪيئن ٿيندو. ماڻهو چا چوندا،اولاد ايتري بي وفا نڪتي آهي جو پيءُ جي جنازي ۾ بہ شامل نہ ٿيو، تنهنڪري ان کي پهچڻ ڏيو، حالانڪ ان وقت ٻيا پٽ، ڌيئرون پيڻ پائر سڀ گهرن ۾ موجود هوندا آهن ۽ ان اچڻ واري کي موڪلون نہ ملڻ، يا گاڏي/فلائٽ وغيره ليٽ ٿيڻ جي ڪري ڪافي دير تي ويندي آهي. اهڙي صورت ۾ ويچاري مردي تي جيڪو ظلم ڪيو ويندو آهي اهو ڪنهن سان لڪيل ناهي،ان بيوس ميت جي جسم کي خراب ٿيڻ کان بچائڻ جي لاءِ اهو طريقو اختيار ڪيو ويندو آهي تہ ان کي ڪولڊ اسٽوريج (سرد خاني) ۾ ڪرايو ويندو آهي، جنهن سان اهو لاش (Dead body) برف ٻڌجي ويندو آهي ۽ مردي کي ان سان سخت تڪليف ٿيندي آهي.

ٿورو غور ڪريو تہ جڏهن اهو زندهہ هو ۽ ان کي ڪا تڪليف پهچندي هئي تہ سيئي گهر وارا بي چين ٿي ويندا هئا، ان جي بيماري ۾ سڄي سڄي رات جاڳي ان جي سراندي ويهي گذاريندا هئا. ان کي ڪو ڪنڊو لڳندو هو تہ ان جي تڪليف خود محسوس ڪندا هئا پر مرڻ کان پوءِ ان جي تمام محبتن

کي فراموش ڪري خبر ناهي ڪيئن ويچاري کي سَرد خاني ۾ رکرائڻ جي لاءِ تيار ٿي ويندا آهن.

## غسل جي وقت مردي کي تڪليف ڏيڻ

اهڙي طرح جڏهن غسل ڏيڻ جو مرحلو ايندو آهي ته علم دين کان محرومي يا مُردي کان اجائي خوف جي ڪري ميت جي گهروارن مان ڪو غسل ڏيڻ جي لاءِ تيار ناهي ٿيندو, ته پوءِ ڪو اهڙو شخص غسل ڏيڻ جي لاءِ اڳتي وڌندو آهي جيڪو سُنَّتن ۽ آداب کان ناواقف هوندو آهي ۽ وڏي بي دردي سان ميت کي غسل ڏئي هلڻ جي ڪندو آهي، جڏهن ته مردي کي غسل ڏيڻ وقت وڏي احتياط ۽ نرمي ڪرڻ گهرجي، حضرت سَيِّدُنا سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان روايت آهي ته مرڻ وارو هر شيءِ کي ڄاڻيندو آهي ايستائين جو غسل ڏيندڙ کي چوندو آهي تو کي خُداءِ رحمٰن جو قسم آهي تون غسل ۾ مون سان نرمي ڪر. (شرح الصدور، ص۹۵)

غُسل دینے کے لیے غسّال بھی اب آچکا
غُسلِ میّت ہورہا ہے اور کفن تیار ہے
یانبی پانی سے سارا جسم میرا دُھل گیا
نامۂ اَعمال کو بھی غُسل اب درکار ہے

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص479)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هئڻ ته ائين کپي ها ته پنهنجي گهر جي ميت کي اسان پاڻ ئي سُنَّت جي مطابق غسل ۽ ڪفن ڏيون ها، پر افسوس! اسان پنهنجو مستقبل بهتر بنائڻ ۾ اعليٰ دُنياوي تعليم حاصل ڪرڻ تي ئي توجهه ڏنو ۽ علمِ دين کان محروم رهياسين، سوشل ميڊيا جي غلط استعمال ۾ ئي پنهنجو قيمتي وقت برباد ڪيو، مختلف ايپلي ڪيشنز (Applications) هلائڻ ته سکي ورتو پر علم دين نه سکيو،گراهڪ کي خراب مال ڪيئن ڏيڻو آهي،اهو ته سکي ورتو پر نماز پڙهڻ نه سکي، دنياوي منصب ماڻڻ جي لاءِ وڏن وڏن تعليمي ادارن ۾ لکين روپيا ته خرچ ڪري ڇڏيا پر قرآن ڪريم پڙهڻ نه سکيو، اهڙي طرح

غورڪندا وجهو، ڇا ڇا سکيو ڇا نہ سکيو اڄ پنهنجي ماءُ پيءُ ڀيڻ ڀاءُ يا قريبي رشتيدارن جو جنازو ڪيئن پڙهائي سگهون، سنت جي مطابق انهن جي ڪفن دفن جي ترڪيب ڪيئن ڪري سگهون، قرآنِ پاڪ پڙهي انهن کي ايصالِ ثواب ڪيئن ڪري سگهون، ڇوتہ اهو سڀ ڪجهہ ايندو هجي تہ اسان ڪيون نہ،اسان کي تہ بس اها خبر هئي تہ ڪنهن جي انتقال تي پيئسا ڏيئي مردي کي غسل ڪرايو ويندو آهي، مسجد جا امام صاحب جنازو پڙهائي ڇڏيندا آهن، ميت جا دوست احباب تدفين بہ ڪري ويندا آهن،ان ڪري اسان کي ان کان ڇا .

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هوش ڪريو اڄ وقت آهي پاڻ بہ علم دين سکو ۽ پنهنجي اولاد کي بہ ديني مسئلا سيکاريو، نيڪ عمل جي ترغيب سان گڏوگڏ گناهن کان نفرت ڏياريو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان اوهان کي بہ علم جو وڏو خزانو هٿ ايندو ۽ جيڪڏهن اوهان جو اولاد نيڪ بڻجي ويو تہ مرڻ کان پوءِ اوهان جي لاءِ ثوابِ جاريہ جو ذخيرو ٿيندو.

## ڪتاب جو تعارف!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تجهيز ۽ تڪفين (ڪفن دفن) جي مسئلن جي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ اڄ ئي مڪتبة المدينہ جو ڪتاب "**تجهيز اور تکفين کا طريقه**" حاصل ڪريو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ مريض جي عيادت ۽ وقتِ نزع کان وٺي تجهيز وتڪفين ۽ تدفين جي باري ۾ معلومات موجود آهي. تنهنڪري اڄ ئي مڪتبةُ المدينہ تان هن ڪتاب کي هديةً حاصل ڪيو ۽ ان جو مُطالعو پاڻ بہ ڪيو ۽ ٿي سگهي تہ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ترغيب ڏياريو. هن ڪتاب کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

## مجلس تجهيز و تڪفين جو تعارف

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي 104 شعبن (Departments) مان هڪ شعبو مجلس تجهيزوتڪفين بہ آهي جنهن جو مقصد مسلمانن کي غسل ۽ ڪفن جي باري ۾

اهم شرعي مسئلن کان آگاهہ ڪرڻ، مجلس جي اسلامي ڀائرن جي وقت بوقت تربيت ڪرڻ، تربيت يافتہ اسلامي ڀائرن جو مسلمانن جي خير خواهي ڪندي مُردي جي غسل ۽ ڪفن جو اهتمام ڪرڻ ۽ لواحقين (رشتيدار) کي صبر جي تلقين ڪرڻ آهي. ڪنهن جي انتقال تي پنهنجي علائقي ۾ مجلسِ تجهيزوتڪفين جي متعلق اسلامي ڀائرن سان رابطو ڪري ميت جي غسل ۽ ڪفن جي ترڪيب ٺاهي سگهجي ٿي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قبر ڪيئن هئڻ گهرجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دين کان دُوري جي سبب اڄڪلهہ ميت کي دَفنائڻ وقت بہ خلافِ سُنَّت طريقي تي قبر کوٽي ويندي آهي قبرستانن ۾ هڪ ڊيڊ فٽ کوٽڻ کان بعد ان ۾ بلاڪ جي ديوار ناهي قبر ٺاهي ويندي آهي ۽ قبر جو اڪثر حصو زمين جي مٿي هوندو آهي اهو طريقو غلط آهي. ❋ سُنَّت هي آهي تہ قبر گهري کوٽي وڃي، قبر جي ڊگهائي ميت جي قد جي برابر هجي ۽ ويڪرائي اڌ قد جي ۽ گهرائي نصف قد جي ۽ بهتر هي آهي تہ گهرائي بہ قد برابر هجي ۽ درمياني درجو اهو جو سيني تائين هجي. (ردالمحتار، ڪتاب الصلاة، باب صلاة الجنازة، مطلب في دفن الميت، ج٣، ص١٦٤) ❋ قبر ٻن قسمن جي ٿيندي آهي، (1) لحد، قبر کوٽي ان ۾ قبلي ڏانهن ميت جي رکڻ جي جڳهہ کوٽي وڃي ۽ (2) صندوق (ٿامي) جيڪا عام طور رائج آهي، لحد سنت آهي جيڪڏهن زمين ان قابل هجي تہ ائين ئي ڪيو ۽ نرم زمين هجي تہ صندوق(ٿامي) ۾ حرج ناهي. (الفتاوي الهندية، ڪتاب الصلاة، الباب الحادي والعشرون في الجنائز، الفصل السادس، ج١، ص١٦٥) ❋ قبر ۾ فراسي وغيره وڇائڻ ناجائز آهي جو بي سبب مال ضائع ڪرڻ آهي. (ردالمختار، ڪتاب الصلاة، باب صلاة الجنازة، ج٣، ص١٦٤) ❋ ميت کي ڪنهن ڪاٺي جي صندوق ۾ رکي دفن ڪرڻ مڪروه آهي، پر جڏهن ضرورت هجي مثال طور زمين گهٽي آلي آهي تہ حرج نہ آهي. (الفتاوي الهندية، ڪتاب الصلاة، الباب الحادي والعشرون في الجنائز، الفصل السادس، ج١، ص١٦٦.و الدر المختار، ڪتاب الصلاة، باب صلاة الجنازة، ج٣، ص١٦٥، وغيرهما) ❋ جيڪڏهن تابوت ۾ رکي دفن ڪريو تہ سُنَّت هي آهي

تہ ان ۾ مٽي لڳايو ۽ ساڄي کاٻي ڪچيون سرون لڳايو ۽ مٿان مٽي جي لپائي ڪريو تہ جيئن اندر جو حصّو لحد جيان ٿي وڃي ۽ لوهي تابوت مڪروه آهي ۽ قبر جي زمين آلي هجي تہ مٽي وڇائڻ سنت آهي. (ردالمحتار، كتاب الصلاة، باب صلاة الجنازة، مطلب في دفن الميت، ج٣، ص١٦٥) ★قبر جي ان حصي جيڪو ميت جي ويجهو آهي، پڪي سر لڳائڻ مڪروه آهي جوتہ سر باھ ۾ پچندي آهي. (الفتاوى الهندية، كتاب الصلاة، الباب الحادي والعشرون في الجنائز، الفصل السادس ، ج١، ص١٦٦ ،وغيره) ❋ ممڪن هجي تہ اندروني تختن تي يٰس شريف، سورة الملڪ ۽ دُرُودِ تاج پڙهي دم ڪيو وڃي. (مدني وصيت نامه ،ص۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪن جي قرب جون برڪتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ممڪن هجي تہ پنهنجي مرحومن جي تدفين نيڪ ماڻهن جي قرب ۾ ڪرڻ کپي جوتہ ان جي برڪت سان مُردن تي بہ ڪرم ٿيندو آهي، اهي عذابِ الٰهي کان امن ۾ رهندا آهن ۽ انهن تي رحمتِ الٰهي جي ڇماڇم برسات ٿيندي آهي ۽ حديثِ پاڪ ۾ ان جي ترغيب بہ موجود آهي، جيئن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اَدْفِنُوْا مَوْ تَاكُمْ وَسْطَ قَوْمٍ صَالِحِيْنَ، پنهنجن مُردن کي نيڪن جي وچ ۾ دَفن ڪريو. (كنزالعمال،٨/٢٥۴، الجزء الخامس عشر، الحديث :۴٢٣٦۴)

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: (مُردي کي) نيڪن جي قريب دفن ڪرڻ گهرجي جو ان جي قرب جي برڪت ان کي شامل ٿيندي آهي، جيڪڏهن مَعَاذَ الله مستحقِ عذاب بہ هوندو آهي تہ هو شفاعت ڪندا آهن، اها رحمت جيڪا اُنهن تي نازل ٿيندي آهي هنن کي بہ ڍڪي وٺندي آهي. (فتاوى رضويه،٩/ ٣٨۵)

تنهنڪري جيڪڏهن الله پاڪ جي ڪنهن نيڪ ٻانهي جي قرب ۾ آساني سان جڳهہ ملي وڃي تہ پنهنجن مُردن کي اتي دفن ڪرڻ گهرجي. جڏهن اولياءِ ڪرام جي ايتري عظمت ۽ فضيلت آهي جو ان جي قرب ۾ دفن ٿيڻ وارو عذابِ الٰهي کان محفوظ ٿي ويندو آهي تہ پوءِ تمام اوليا ۽ انبيا جي سردار، حضور نبي

رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قرب يعني جنت البقيع ۾ مدفون مسلمانن جي عظمت ۽ شان چا هوندو. الله کريم اسان کي مديني پاڪ ۾ ايمان ۽ عافيت سان شهادت ۽ جنّتُ البقيع ۾ مَدفن ۽ جنتُ الفردوس ۾ پنهنجي حبيبصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قدمن ۾ جڳهه عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

ایمان پہ دے موت مدینے کی گلی میں مدفن مرا محبوب کے قدموں میں بنادے
اللہ کرم اتنا گنہ گار پہ فرما جنّت میں پڑوسی مرے آقا کا بنادے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مُردن کي ايصالِ ثواب سان فائدو پهچايو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مُردي جي تدفين کان بعد ان جي لاءِ دعاءِ مغفرت ۽ ايصالِ ثواب جو مرحلو ايندو آهي جيڪو قيامت تائين جاري رهندو آهي ۽ مُردو هميشه پنهنجي گهر وارن جي ايصال ثواب جي انتظار ۾ رهندو آهي ڇوته جيستائين هو زنده هو ته ان جا وَالِدين، ڀيڻ ڀائر ۽ دوست عزيز وغيره موجود ان جي هر ڏُک درد ۽ آزمائشن ۾ ان سان گڏ رهندا هئا ۽ ان جو غم هلڪو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا پر جڏهن هو سيني کي ڇڏي تنگ ۽ اونداهي قبر ۾ آيو ته نه والدين ان سان گڏ آهن، نه ڀيڻ ڀاءُ، نه اهل وعيال، ايستائين جو ان جا دوست احباب به ان کان پري ٿي ويا ۽ هي قبر ۾ اڪيلو رهجي ويو. جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته پنهنجي فوت ٿيل مسلمان ڀاءُ سان خير خواهي ڪريون قبر جي اڪيلائپ ۾ ان کي خُوشي ڏيون، ان جي راحت جو سامان ڪريون ته ان جي لاءِخُوب خُوب بخشش جي دعا ۽ ايصالِ ثواب جا تحفا پيش ڪريون ڇوته ايصالِ ثواب سان مُردي کي خُوشي ٿيندي آهي ۽ ان تي رحمتِ الٰهي جي برسات ٿيندي آهي ۽ مُردن کي پنهنجن زنده رشتيدارن جي طرفان ايصالِ ثواب جو شدت سان انتظار رهندو آهي، جيئن ته

رسولِ خدا،حبيب ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: قبر ۾ مُردي جو

www.dawateislami.net

حال ٻڌنڌڙ انسان جيان آهي جيڪو شدّت سان انتظار ڪندو آهي تہ پيءُ يا ماءُ يا پٽ يا ڪنهن دوست جي دعا ان کي پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا ان کي پهچندي آهي تہ ان جي ويجهو اها دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجھ آهي سڀ کان بهتر هوندي آهي. اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ قبر وارن کي ان جي زنده متعلقين جي طرفان هديو ڪيل ثواب جبلن جي برابر عطا ڪندو آهي، زنده جو تحفو مُردن جي لاءِ "دعاءِ مغفرت ڪرڻ" ۽ ان جي طرفان "صدقو ڪرڻ" آهي. (فردوس الاخبار، ۲/۳۳۶، حديث: ۶۶۶۴)

ڀيجو اے ڀائيو مجھے تحفه ثواب کا ديکھوں نہ کاش قبر ميں،ميں منہ عذاب کا

ايصالِ ثواب جي باري ۾ مزيد معلومات جي لاءِ شيخِ طريقت ،امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو رسالو "**فاتحہ ۽ ايصالِ ثواب جو طريقو**" مڪتبة المدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪري پاڻ بہ مطالعو (Study) ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ تحفي طور پيش ڪريو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان مرض کان قبر تائين ڪجھ اهم مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اسان ٻڌو تہ

- مريض جي عيادت ڪرڻ جي لاءِ وڃڻ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ سُنت آهي.
- مريض جي عيادت ڪرڻ واري جا گناه معاف ٿيندا آهن.
- مريض کي عيادت ڪرڻ واري جي ڳالهين مان تڪليف ٿئي تہ جلدي اُٿي وڃڻ گهرجي.
- نزع جي وقت مريض وٽ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ گهرجي.
- مريض وٽ ويهي ذڪر اللّٰه جو ورد ۽ ڪلمي شريف جي تلقين ڪرڻ گهرجي.

- ❖ غسل ڏيڻ وقت نرمي نہ ڪرڻ ۾ ميت ڪي سرد خاني ۾ رکرائڻ مردي جي لاءِ تڪليف جوعمل آهن.
- ❖ مرڻ ڪان بعد پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي خير خواهي ڪندي ايصال ثواب ڪرڻ سان نہ صرف اسان جي نيڪين ۾ اضافو ٿيندو آهي بلڪ مرڻ واري ڪي ان جا فائدا (Benefits) حاصل ٿيندا آهن.

الله ڪريم اسان ڪي انهن مدني گلن ڪي ياد رکڻ ۾ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## فوت ٿيلن مسلمانن جي بخشش جي دعا:

اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَ لِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ وَ لَا تَجْعَلْ فِيْ قُلُوْبِنَا غِلًّا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا رَبَّنَآ اِنَّكَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۰﴾

ترجمو: اي الله !اي اسان جا رب !اسان ڪي ۽ اسان جي هنن ڀائرن ڪي بخشي ڇڏ جن اسان ڪان اڳي ايمان آنڌو ۽ اسان جي دل ۾ ايمان وارن جي لاءِ ڪو بہ ڪينو نہ رک،اي اسان جا رب!بيشڪ تون نهايت مهربان، وڏي رحمت وارو آهين.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيۦ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سُنّتيں عام کریں دِین کا ہم کام کریں نیک ہوجائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

1...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵

www.dawateislami.net

## عيادت ڪرڻ جا مدني گل!

عيادت ڪرڻ رسول پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مُبارَڪ سنّت آهي، اچو! ان باري ۾ ڪجهه مَدَني گل ٻڌو. 2 فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ :{١} عُوْدُوا الْمَرِيضَ يعني مريض جي عِيادت ڪريو (الادب المفرد، ص١٣٧، حديث٥١٨){٢} جنهن بہ سنّي طريقي سان وُضُو ڪيو پوءِ ثواب جي نيّت سان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عِيادت ڪئي تہ ان کي جهنّم کان 70 سالن جي فاصلي تائين پري ڪيو ويندو. (ابوداؤدج٣ص٢٤٨حديث ٣٠٩٧) * بيمار جي عِيادت ڪرڻ سنّت آهي جيڪڏهن معلوم آهي تہ عِيادت ڪرڻ ان بيمار شخص کي تڪليف ٿيندي تہ انهيءَ حالت ۾ عِيادت جي لاءِ نہ وڃي. (بهار شريعت ج٣ص٥٠٥) * جيڪڏهن بيمار سان اوهان جي دل ۾ ناراضگي يا طبيعت ۾ ان سان مناسبت ناهي تڏهن بہ عيادت ڪريو. * سنّت جي پيروي جي نيّت سان عِيادت ڪجي جيڪڏهن رڳو هن جي لاءِ عيادت ڪئي تہ جڏهن مان بيمار ٿيان تہ هو مون وٽ عيادت جي لاءِ اچي تہ ثواب نہ ملندو. * ڪنهن جي عِيادت جي لاءِ وڃو ۽ مَرَض جي سختي ڏسو تہ ان کي ڊيڄارڻ واريون ڳالهيون نہ ڪريو مثلاً تنهنجي حالت خراب آهي ۽ نہ ئي ان انداز سان مٿو هلايو جنهن سان حالت جو خراب هجڻ سمجهيو وڃي. * عيادت جي موقعي تي مريض يا ڏکايل شخص جي سامهون پنهنجي چهري تي رنج ۽ غم جي ڪيفيت ظاهر ڪيو. * ڳالهه ٻولهه جو انداز هرگز اهڙو نہ هجي جو مريض يا سندس عزيزن کي وسوسا اچن تہ هي اسان جي پريشاني تي خوش ٿي رهيو آهي! * مريض جي گهر وارن سان بہ همدردي جو اظهار ڪريو ۽ جيڪڏهن خدمت يا مدد ڪرڻ چاهيو تہ ڪريو. * مريض وٽ وڃي ڪري طبعيت پڇو ۽ هن جي لاءِ صحّت ۽ عافيت جي دُعا ڪريو. * مريض کان پنهنجي لاءِ دُعا ڪرايو مريض جي دُعا رد ناهي ٿيندي. * عِيادت ڪندي موقعي جي مناسبت سان مريض کي نيڪي جي دعوت بہ پيش ڪجي، خُصوصاً نماز جي پابندي جو ذهن ڏجي جو تہ بيماري ۾ ڪيترائي نمازي بہ نمازن کان غافل ٿي ويندا آهن. * مريض جي پرسان گهڻي دير تائين نہ ويهو ۽ نہ گوڙ ڪريو ها جيڪڏهن بيمار پاڻ ئي دير تائين ويهارڻ جو خواهش مند آهي تہ ممڪن هجي تہ اوهان هن جي جذبن جو احترام ڪريو. * بيمار جي عِيادت جي موقعي تي تحفو

ڏيڻ سنو ڪم آهي پر نہ ڏيڻ جي صورت ۾ عِيادت ئي نہ ڪرڻ ۽ دل ۾ هي خيال ڪرڻ تہ جيڪڏهن ڪجهہ نہ ڪٽي ويندس تہ اهي ڇا سوچيندا تہ خالي هٿين عِيادت جي لاءِ آيو آهي. خالي هٿ بہ عِيادت ڪرڻ ئي گهرجي نہ ڪرڻ ثواب کان محرومي جو باعث آهي * توهان عِيادت ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ فروٽ ۽ بسڪيٽ وغيره تحفي طور وٺڻ لڳو تہ مشورو آهي تہ مکتبة المدينه جا شايع ٿيل ڪجهہ مدني رسالا بہ وٺي مريض کي پيش ڪريو،تہ جيئن اهو ملڻ وارن (۽ جيڪڏهن اسپتال ۾ آهي تہ) پروارن مريضن ۽ هن جي عزيزن کي تحفي طور ڏئي، بلڪ خوش نصيبي جو! مريض پاڻ بہ ڪجهہ مدني رسالا هديةً گهرائي هن ارادي سان پاڻ وٽ رکي ثواب ڪمائي. * فاسِق جي عِيادت بہ جائز آهي، ڇو تہ عِيادت اسلام جي حقن مان آهي ۽ فاسق بہ مسلمان آهي. (بهار شريعت ج 3، ص 505)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کا کرتا رہوں پروردگار سنتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناھ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(3)

---

1 ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

2 ...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3 ...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

1 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

2 ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net